SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XI مجريه 1991
SINDH ORDINANCE NO.XI OF 1991
سنڌ ايمپلائيز اسپيشل الائونس (ادائگي) (ترميم) آرڊيننس، 1991
THE SINDH EMPLOYEES SPECIAL ALLOWANCE (PAYMENT) (AMENDMENT) ORDINANCE, 1991

(CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

2. 1986 جي سنڌ ايڪٽ X ۾ ترميم
Amendment in Sindh Act X of 1986

3. 1986 جي سنڌ ايڪٽ X ۾ دفعه 3_A جي شموليت
Insertion of Section 3_A of Sindh Act X of 1986

4. منسوخي
Repeal

سنڌ آرڊيننس نمبر XI مجريه 1991
SINDH ORDINANCE NO.XI OF 1991
سنڌ ايمپلائيز اسپيشل الائونس (ادائگي) (ترميم) آرڊيننس، 1991
THE SINDH EMPLOYEES SPECIAL ALLOWANCE (PAYMENT)(AMENDMENT) ORDINANCE, 1991

[22 آگسٽ 1991]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ ايمپلائيز اسپيشل الائونس (ادائگي) ايڪٽ، 1986 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ ايمپلائيز اسپيشل الائونس (ادائگي) ايڪٽ، 1986 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and

1.(1)هن آرڊيننس کي سنڌ ايمپلائيز اسپيشل الائونس (ادائگي) (ترميم) آرڊيننس، 1991 سڏيو ويندو.

(2)اهو فوري طور لاڳو ٿيندو ۽ پهرين ڊسمبر 1990 کان موثر

سمجهيو ويندو.	commencement
2.سنڌ ايمپلائيز اسپيشل الائونس (ادائگي) ايڪٽ، 1986، جنهن کي هن کانپوءِ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو. ان ۾ لفظ "اسپيشل الائونس" جتي بہ اچن سواءِ دفعہ 3 جي، انهن کانپوءِ لفظن "۽ اضافي اسپيشل الائونس" جو واڌارو ڪيو ويندو.	سنڌ جي 1986 ايڪٽ X ۾ ترميم Amendment in Sindh Act X of 1986
3.ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعہ 3 کانپوءِ هيٺين نئين دفعہ 3_A شامل ڪئي ويندي: "3_A.هر ملازم جيتري بہ اجرت ڪٽندڙ آهي ان جي پهرين ڊسمبر 1990 تي يا ان کانپوءِ ملازمت جي سلسلي ۾ ان جي ايمپلائر طرفان ان کي بہ سئو رپيا ماهوار برابر اضافي اسپيشل الائونس ڏنو ويندو.	سنڌ جي 1986 ايڪٽ X ۾ دفعہ 3_A جي شموليت Insertion of Section 3_A of Sindh Act X of 1986
4.سنڌ ايمپلائيز اسپيشل الائونسل (ادائگي) (ترميم) آرڊيننس، 1990 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.	منسوخي Repeal

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.